د... پبلیکیشن



منظور

# دل ۾ درد هزار

ڪهاڻين، شعرن، مضمونن ۽ خطن جو مجموعو

ترتيب ڏيندڙ

نسيم احمد کرل
طارق اشرف
ظفر حسن

ظفر

قيمت : هڪ روپيو

سنڌي پبليڪيشن

۱۹٦۸ع

ڇپائيندڙ:    سهڻي پبليڪيشن، ويسٽ ڪچا، F 45-750
حيدرآباد، سنڌ

ٻيون ايڊيشن مارچ-١٩٦٨ع

تعداد:    ٻه هزار

ڇاپيندڙ:    حيدرآباد پرنٽنگ پريس ۽ جمالي پرنٽنگ پريس، ويسٽ ڪچا
حيدرآباد، سنڌ

ٽائيٽل ڊزائين:    عاشق حسين

بلاڪ ٺاهيندڙ: سٽي بلاڪ ورڪس، ڪراچي

ٽائيٽل ڇاپيندڙ: واحد پريس، نورهو چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

سول ايجنٽ
ادبيات، ٥- سول اسپتال روڊ، حيدرآباد، سنڌ

ڀارت ۾
ڪواچ پبليڪيشن، ٤- گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، اپالو اسٽريٽ،
بمبئي نمبر-١، ڀارت

# ترتيب


| | | | |
|---|---|---|---|
| | انهنجي طرفان...مرتب | | |
| ڪهاڻيون | دل ۾ درد هزار | ثميره زرين | ٦ |
| | ارائي عورت | موهن ديپ | ١٩ |
| | هولي | ٺاڪر شرما | ٢٩ |
| | جهاڄ جي جهوليءَ ۾ | شبير ترابي | ٣٨ |
| | الڏي ۽ منڊي جي لٽين ڪهاڻي | ظفر حسن | ۴٩ |
| شعر | لوڪ گيت | اياز همايوني | ٥٢ |
| | آزاد نظم | امداد حسيني | ٥٣ |
| | گيت | قمر شهباز | ٥٦ |
| | ترائيل | مخفي خيرپوري | ٥٦ |
| | نظم، غزل | ذوالفقار راشدي | ٥٧ |
| | غزل، قطعا | ارجن حاسد | ٥٨ |
| | آزاد نظم | محسن ڪڪڙائي | ٥٩ |
| | قطعو | زيب ڀٽي | ٥٩ |
| | نظم | عبدالحي پليجو | ٦٠ |
| | بيت | حيدر علي ٽالپر | ٦٠ |
| مضمون | وائيءَ ۽ ڪافيءَ تي بحث | عبدالجبار جوڻيجو | ٦٢ |
| آڳاٽو ادب | اي وطن (شعر) | قادر بخش 'بشير' | ٧٦ |
| | شالتا (ڪهاڻي) | گوبند مالهي | ٧٧ |
| ڏرڪ | ڪڙڪيتا پيا ٺمڪن (تبصرو) | تيرٿداس هوتچند | ٧٩ |
| ادبي خط | پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | |


(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

دل ۾ درد هزار
پرائي عورت
جهليم جي جهولي ۾
هولي
اڏڙي منڊي جي نئين ڪهاڻي (طنز ۽ مزاح)

# ڪهاڻيون

ثميره زرين
موهن ديپ
ٺاڪر شرما
شبير ترابي
ظفر حسن

ڪري، ولايت وڃي ڪيمسٽريءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪري اچي. اسانجو پيار وڌندو رهيو، ۽ ايتري درجي تي پهتو، جو رشيد سونکي مجبور ڪيو ته مان ساڻس شادي ڪريان.

رشيد جيتوڻيڪ ماءُ جي زير اثر نپيو هو، پر سندس طبعيت ۾ رعونت ۽ غرور نه هئا، بلڪ شوخي ۽ شرارت هوس. سندس خرچ وغيره جي سندس ماءُ ڪفيل هئي، اِنهيءَ ڪري آزاد ۽ خودمختيار نه هو ۽ جوان ٿيڻ واري عرصي ۾ سندس ماءُ جو مٿس اثر ۽ رعب به وڌيڪ هو. اِنهيءَ ڪري اُهين چئجي ته ماڻس پنهنجي داس سان بلڪل ٻڌل رکيو هوس. اڪيلو پٽ، ۽ دادلو ٿي پلجڻ ڪري، خود سر ۽ جلد باز به هو. ۽ عادت ۾ اهو به دخل هوس ته جنهن شيءَ لاءِ ناز ڪري يا گهر ڪري، اها شيءَ ضرور حاصل ڪري. هن سنهنجي ملاقات پنهنجي ماءُ سان ڪرائي هئي، پر هوءَ هميشه سونسان رعونت سان پيش ايندي رهي. بيگم ارشاد جي مرضي نه هئي ته رشيد جي سونسان شادي ٿئي. هن چاهيو پئي ته رشيد جي شادي بيگم صاحبہ جي هڪ عزيز ذڪيہ عرفان سان ٿئي، جا پڻ وڏي خاندان جي هئي. هوءَ ايم-اي ڪري چڪي هئي، ۽ رشيد کان ڪجهه سال وڏي پڻ هئي. بيگم صاحبہ کي اميد هئي ته ذڪيہ پاڻ سان گهڻي ملڪيت آڻيندي، جنهن سان رشيد ولايت وڃي سگهيو ٿي. جيتوڻيڪ بيگم صاحبہ کي خود گهڻي ملڪيت ۽ جائداد هئي، ۽ کيس ذڪيہ جي ملڪيت جي ڪابہ ضرورت نه هئي، پر چوندا آهن ته گهڻي ۾ گهڻو ٿو گهرجي. بهر حال هن سلسلي ۾ رشيد ماءُ سان بغاوت ڪئي، ۽ اسانجي شادي ٿي ويئي.

شاديءَ جي ڪري سنهنجي ته پڙهائي اڌ ۾ رهجي ويئي، پر رشيد جي ولايت وڃڻ جو پروگرام به پورو ٿي نه سگهيو. ماءُ سان بغاوت ڪرڻ سبب الائونس ڏيڻ به بند ڪري ڇڏيائين. جيئن تيئن ڪري B.Sc پاس ڪري ورتائين، ۽ معمولي پگهار تي ملازمت ڪرڻ لڳو. بيگم صاحبہ جيتوڻيڪ اسان تي ناراض هئي، انهيءَ هوندي به اسان سندس ئي بنگلي ۾ رهندا هئاسين، ڇاڪاڻ ته هڪ ته کيس رشيد سان بي انتها پيار هو، ۽ هوءَ رشيد کي بلڪل آزاد ڪرڻ ۽ خود مختيار ٿيڻ لاءِ به تيار نه هئي، ۽ کيس پاڻ کان پري رهڻ جي اجازت نٿي ڏنائين. ۽ هو به ماءُ جي رعب ۽ Apron String جي ڪري ڪوبہ قدم کڻي نٿي سگهيو، ۽ پيو ته اسان خود بنگلي ۾

لوڪ گيت
آزاد نظم
گيت
ترائيل
نظم، غزل
غزل قطعا
آزاد نظم
قطعو
نظم
بيت

# شعر

نياز همايوني
امداد حسيني
قمر شهباز
مخفي خيرپوري
ذوالفقار راشدي
ارجن حاسد
محسن ڪڪڙائي
زيب پنهور
عبدالحي پليجو
حيدر علي ٽالپر

نياز همايوني

(لوڪ گيت)

# مونکي پار پڄاءِ!

پيڙيءَ وارا پيلي مونکي پار پڄاءِ!

جهڙي ڏڏ درياهه ۾،
تهڙي منهنجي مَن ۾؛

موج سان موج ملاءِ،
مونکي پار پڄاءِ!

جيڏي واهُر واجهه ۾،
تيڏي تنهنجي سڪ ۾؛

لوڏن کي نه لڪاءِ،
مونکي پار پڄاءِ!

جئن جئن ساجهي ماٺهين،
تئن تئن صُبح جي مَدَ؛

راتين ۾ نه رُجهاءِ،
مونکي پار پڄاءِ!

هي هي حياتي ڪک پن جئن،
ڀل ڀل لاٿيءَ ٽِڪ؛

رهنديءَ کي نه رهاءِ،
پيڙيءَ وارا پيلي...!

## امداد حسيني

### ١٩٦٨

آڌيءَ آڌيءَ

آ ڪيري ٻ

هڪڙو لنيڙو لرم پکي

ڪنهين ڪنين جي مٿ

هر ڪولي هر بند ڪري

ڏيري آپ ڏي نيڻ ڪٽي

ٻاڪ ٻسڻ لئي واجهائي

آ ڪيري ٻ

هڪڙو لنيڙو لرم پکي

مٺڙي مٺڙي سر ۾ ويٺو

بسنت بهار جا گيت چوي

امداد حسيني

# ڌرتيءَ تي مرد ۽ عورت جو پهريون گيت

اها ڳالهه ڪهڙي هئي
ها اها ڳالهه ڪهڙي هئي
جا نه ڪا تو چئي
۽ نه ڪا مون چئي
پر ٻنهي ٻُڌي
چنڊ تارن ٻڌي ـ
مرڪندڙ مست ٿڌڙين هوائن ٻڌي،
باغ ۾ اڌ ڪِـليل مکڙين ڪي ٻڌائي،
ته دل وانگي مُرڪي پيون ـ
۽ انهيءَ ڪن ۾ مُس مُس ڪيل ڳالهه کي
رنگ خوشبو ڏنو،
۽ ٻڌڻ سان جاڳي پيا.

ها اها ڳالهه ڪهڙي هئي
جا نه ڪا تو چئي
۽ نه ڪا مون چئي
پر ٻنهي ٿي ٻڌي
خامشيءَ ۾ مُستل رهگذارن ٻڌي
۽ ازل کان انهن سوچ ۾ گم ٿيل
پنهنجي پاسي ۾ بيٺل وڻن کي ٻڌائي
ته جهومي پيا
ڪنهن شرابيءَ جيان ـ

۽ سڄي ڪائنات،
هڪڙي لمحي جي لئي، دل جي ڌڙڪڻ سان گڏ بيهي رهي.

ها اها ڳالهه ڪهڙي هئي
جا نه تو چئي
۽ نه ڪا مون چئي
پر ٻنهي ٻُڌي
آسمان زمين ٻڌي
آبشارن نديءَ ۽ ڍنڍ جي ڪنارن ٻڌي
چنڊ تارن ٻڌي
دم بخود ٿي ٻڌي
پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي مبارڪ ڏنائون
۽ هڪ ٻئي کي ڪجهه ويجهو ٿي
رازداريءَ جي لهجي ۾ مُرڪي چيائون
ته هيءَ ڳالهه هئي ديوتائن جي منشا مطابق
۽ هن ڳالهه جي لاءِ ساري جهان کي بنايو ويو
۽ هن ڳالهه لئي رنگ خوشبو جي تخليق ٿي
زندگي سُر ۽ سونهن
ڪنهن ازل ۽ ابد جي سخيءَ ڪان
زماني کي ملندا رهيا سوکڙي

۽ هن ڳالهه لئي
رات ۽ ڏينهن هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙندا ٿا رهن!

## قمر شهباز

# گيت

جي پيار هجي ها پرڇانئين، مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳوليان ها،
مان ليڙن نير وهايان ها، مان دل جا موتي روليان ها،
جي پيار هجي ها پرڇانئين-!

جي پيار هجي ها پرڇانئين، مان راتيون جاڳي روئان ها،
مان تارن کي ترسايان ها، مان ڳوڙهن سان ڳل ڌوئان ها،
جي پيار هجي ها پرڇانئين-!

جي پيار هجي ها پرڇانئين، مان سڪين کي سمجهايان ها،
اندر جي اوسات الا! مان آنسن سان ٿي ٻجهايان ها،
جي پيار هجي ها پرڇانئين-!

پر پيار تہ ناهي پرڇانئين - هيءَ جيون ڀر جي جهوري آ،
پنهنجي سيني کي چيري مون پنهنجي دل ٿي ڪوري آ،
هئہ! دل جي ٻستي اجڙي آ، مون ساري دنيا ڪهوري آ،
- پر پيار تہ ناهي پرڇانئين-!

## مخفي خيرپوري

# ٽرائيل

تو بن دنيا آهي انڌيرو،
پل پل پور پچايم ويهي،
درد ڪيو دل ۾ ديرو،
تو بن دنيا آهي انڌيرو.

هاءِ اچي تون من ۾ ڀيرو،
تو لاءِ ڪانگ اڏايم ڪيئي،
تو بن دنيا آهي انڌيرو،
پل پل پور پچايم ويهي.

محسن ککڙائي

# نئي آزاد نظم (مسلسل)

## حسرت

چو ته ڪجھ سوچيو اٿم،
سمجھيو اٿم،
دل چوي ٿي جئي ڏيان.
اي ڪاش! سڀڪجھ جئي سگھان.

## شڪست

ذهن جي اردي مٿان،
چيا ٿو ڏمان،
زندگيءَ جا مسئلا،
هر مسئلو زندگي.
اي زندگي! مون هاريو،
اي زندگي! مون هاريو.

## فاتح

هاءِ جيئرو جاڳندو،
محسن ويو!
چار ٿل اي دوستو!
هان چار ٿل اي دوستو!

زيب پنئي

## قطعو

يارن پـــي پنهنجو پيار ڦريو،
ڪنهن پي ڪولي ڪوڏيان ڏريو،
او ڏارين ڪي چو ڏوھ ڏيان،
آ ڇوريءَ ڇوري، ڏيل ڏريو.

## عبدالحی پليجو

# سنڌڙي

سنڌ: سنڌ آهي وطن، سر ساهه سنڌ تان گهوريان.

(۱) سنڌ مهربان ۽ ميزبان، هر ڌاريل لئه آشيان،
هر بي مڪان لئه آ مڪان- سر ساهه سنڌ تان گهوريان.

(۲) سنڌڙي سڀاڳي ساڏڙي، جنهنجي نه در تان ڪا تڙي،
سنڌڙي سنڌ آ لاڏڙي- سر ساهه سنڌ تان گهوريان.

(۳) سنڌي مگر اڄ اشڪبار، روئي رڙي زارو قطار،
مهمان سنڌس ٿيا موتمار- سر ساهه سنڌ تان گهوريان.

(٤) سنڌ جي سڀ آه و فغان، اڄ اشڪبار آ آسمان،
مهمان ٿو ماري ميزبان- سر ساهه سنڌ تان گهوريان.

(۵) وحدت جي ونگن ۾ ولکهي، سنڌڙي ڇڏي ڏيرن ڏلکي،
هڪ ڏينهن وينه الڪلکي- سر ساهه سنڌ تان گهوريان،

## حيدرعلي ڏاهر

# صبح سهائو پڌرو

نڙي يائي ترار، سورهه ستو لنب ۾،
ڪهر وهائي وار؟ عمر ارڏايون ڪري.

اِلڪهي پيئي آماس- لڪر سڄو لنڊ ۾
وهائو جي وات لئي! رهي ڇڏيم آس
آڌي رات آڪاس- پيچ پني ڇو آس.

ڪنهن ۾ ڪاري رات- ڪنهن ۾ لاهي سوجهرو
جي تنهنجي پياري ديس جي تن ۾ اٿئي تات
ته موت ۾ ليندي مات، جي همت تنهنجي هٿ ۾

سچي سورهيائي- 'حيدر' وڙهڻ حق تي
جيڪر هٿ ورائين ته ڪر پيائي
سووهه سوپيائي، جڏهن ڪڏهن جنگ ۾

لڙي آڌي رات- صبح سهائو پڌرو
اري اڄ پرڀات- آمارو آڪاس ۾.

وائيءَ ۽ ڪافيءَ تي بحث

# مضمون

عبدالجبار جوڻيجو

(۱) ستون سال ٿين، سانگين کي ٿي سڪاڻ،
وس هوند هجيم تڪ ڪين تڪاڻ،
اُڇيو پيئي لڇان، اڄ کي ٿي لڪان،
وڙي واٽ ونان، ڏس هر ڪو ڏسي.
(۲) تو هو مڪر ڪيو پتو ڪين پيم،
پرديسي ڏسي توکي پاڻي ڏنم،
مون تي اجر ڪئيو پر ڏوهه ڪيم،
مون جان ڦٽڪ ۾ شال نه ڪائي ڦسي.
(۳) ويني سائيهه سڪ سرشار پنان
منهنجو لاهه. جيئڻ سائيهه بنان
جو وسيلو ولهين تنهنجو ناءُ ڳنان
جتي ڪو نه رسي محمد جام رسي.

## معمور يوسفاڻي (ڪافي)

لينهن سڄڻ جي ڪيو نهال، وسري ويا ويچار سمورا.
(۱) پٽ نه حبيبن جي مان ويندس،
دوستن ري هڪ دم نه جئيندس،
جيڏيون مون لئه ٿيا جنجال، پرين ري پيا پار سمورا.
(۲) هجر حبيبن جو تو ماري،
ڳاراڻي ۾ ڳاريو ڳاري،
ساعت سڄڻن ري ٿي سال، دم ڪيئن گذرن ڏار سمورا.
(۳) بره جا مونتي پال ٿيا،
وسري مال منال ويا،
وئي خوشي ٿي خواب خيال، سور ٿيا سينگار سمورا.
(۴) عشق لڳي معمور ويو سؤڪو،
هاڻ نباهڻ تي پيو اؤکو،
ڪهڙي ڪريان قيل مقال، برسر آهن بار سمورا.

## ٻبلو گرافي

۱. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ – سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ
۲. جهمٽ مل ڀاوناڻي – سنڌي شعر ڇند سڳند
سنڌي شعر عطر عروض

# EASURING FASHIONS BY THE
# ARD STICK



hlons are
ficult to
agine without
ractively
signed
orics like those
anufactured by

**Fateh**

ATEH TEXTILE MILLS LIMITED. HYDERABAD.

اي وطن (شعر)

شانتا (ڪهاڻي)

# آڳاٽو ادب

قادر بخش 'بشير'

گوبند - مالهي

پرک (تبصرو)

# تبصرو

تيرٿداس هوتچند

پڙهندڙن جا خط

# ادبي خط

پڙهندڙن وٽان

قادر بخش 'بشير'

# اي وطن

( ۱ )

تنهنجي خاطر جيڪڏهن جهلجي پوان
قيد جي ڪوٺي ۾ قابو ٿي پوان
جنگ جي ميدان ۾ زخمي ٿيان
ٿي بهادر ڪين تو تنهنڪان ڊڄان
ڪيدي ۽ ڊرپوڪ نا هيان اي وطن
تو مٿان قربان مان هان اي وطن

( ۲ )

ايلگون تنهنجي مٿان آ آسمان
تنهنجي ڌرتي تي اسانجو آستان
ساري دنيا تنهنجو ڳائي داستان
تو تي مولا آهي هردم مهربان
تنهنجي ٿي تعريف ڳايان اي وطن
تو مٿان قربان مان هان اي وطن

( ۳ )

تنهنجو جهونو آ دنيا ۾ داستان
آنجو شاهد آ مٿان هي آسمان
جهل ۾ جڏهين هئو سارو جهان
علم ۾ تڏهين به هو تنهنجو نشان
گيت تنهنجا چا ٻڌايان اي وطن
تو مٿان قربان مان هان اي وطن

( ۴ )

ڪم اچي منهنجو ڪٿي جي مال ذن
يا اچي ڪم ۾ ڪٿي منهنجو بدن
تنهنجي خاطر پل اچي رانج و محن
نوجوان توڙي هجان مان پيرسن
پر سپاهي تنهنجو آهيان اي وطن
تو مٿان قربان مان هان اي وطن

( ۵ )

ڪين بخمل سان ڍڪيندس مان بدن
ناحقي ناپاڪ ڪريان جان تن
مون ته ورتو آهه کاڌي جو ڪفن
خاڪ سنڌي ۾ جڏهن ٿيندس دفن
جسم ڪـي تـو ۾ ملايـان اي وطن
تو مٿان قربان مان هان اي وطن

— ماهوار سنڌو مخزن، مارچ - اپريل ۱۹۴۵ع تان ورتل

اعليٰ قيام بهترين طعام

# تاج هوٽل

حيدرآباد

تاج هوٽل ۾ رهي، اوهين سڪون محسوس ڪندا

تاج هوٽل — جو فرنيچر آرام ده آهي
تاج هوٽل — جو ماحول وڻندڙ آهي

تاج هوٽل اسٽيشن جي ڀرسان آهي، اوهين ڪيڏيءَ مهل به اچي سگهو ٿا.
فون نمبر ٣٦٩١

---

عورت ۽ پيار هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا پنهنجي محبوب کي بي چين ڏسي خوش ٿيئي ٿي، پنهنجي محبوب کي بيقرار ڏسي ڪيس سڪون ملي ٿو.
عورت ۽ پيار سنڌيءَ جو پهريون ڪتاب آهي جنهنجون هڪ هزار ڪاپيون فقط پنجويهن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويون.

هاڻ اهو شاندار ڪتاب وري پيش ڪجي ٿو

# عورت ۽ پيار

(اشاعت هيٺ)

فرانس جي جڳ مشهور ليکڪ پيري لوئي جو شاندار ناولٽ جنهنجو ترجمو سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار غلام نبي مغل ڪيو آهي.

اداره ادب نو، حيدرآباد سنڌ

